هفتيوار رسالو :358
WEEKLY BOOKLET:358

اميرِ اهلِ سنّت جي

# مديني جي سفر

## 180 ڪان واپسي

SINDHI



مديني جو ادب

مديني جي پڪي ويزا الڳ رائڻ جي آفر

توهان وجي نه رهيا آهيو اچي رهيا آهيو

مديني کان واپس وارن کي پيغام رضا

پيشڪش:
المدينة العلمية (دعوتِ اسلامي)
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **اميرِاهلِ سنّت جي مديني جي سفر 1980 کان واپسي**

ڇاپو پهريون: ذوالحج 1445هہ ، جون 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدنی التجا: کنهن کی بہ هی کتاب ڇاپڻ جی اجازت ناهی

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# اَميرِاهلِ سنّت جي مديني جي سفر 1980 کان واپسي

**پيشڪش**

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# اميرِ اهلِ سنّت جي مديني جي سفر 1980 کان واپسي

**دعاءِ خليفهءِ امير اهل سُنت!** يا الله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”اميرِ اهل سنت جي مديني جي سفر 1980 کان واپسي“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي مديني جي غم جي دولت کان نواز ۽ ان کي خير ۽ عافيت سان هر سال مديني شريف جي حاضري نصيب فرماءِ.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللّٰهُ عليهِ واٰلهٖ وسلّم

## دُرود شريف جي فضيلت

جو ڪوئي حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قبرِ معظم جي سامهون بيهي هي آيت شريف هڪ ڀيرو پڙهي: اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوۡنَ عَلَی النَّبِيِّ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا صَلُّوۡا عَلَيۡهِ وَسَلِّمُوۡا تَسۡلِيۡمًا ﴿۵۶﴾
(پ۲۲،الاحزاب:۵۶)

پوءِ 70 ڀيرا اهو عرض ڪري: صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡكَ وَسَلَّمَ يَا رَسُوۡلَ اللّٰه

ملائڪ ان جي جواب ۾ هيئن چوندو آهي: اي فلاڻا! تو تي الله پاڪ جو سلام هجي. پوءِ ملائڪ ان جي لاءِ دعا ڪندو آهي: يا الله پاڪ! ان جي ڪا بہ ضرورت اهڙي نہ رهي جنهن ۾ هي ناڪام ٿئي
(مواهب اللدنيه، 412/3)

اے سائلو! آجاؤ اور جھولیاں پھیلاؤ　　دربارِ رسالت سے انکار نہیں ہوتا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مديني پاڪ جي باري ۾ چا چئي چڏيو...؟

عاشقِ مدينہ امیرِ اهلِ سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي مديني پاڪ کان حج لاءِ وڃڻ کان پهريان يا بعد ۾ مديني پاڪ ۾ ڪنهن چيو تہ جڏهن موسمِ حج (يعني حج جي ڏينهن ۾) مدينو شريف خالي ٿي ويندو آهي، جنهن تي عاشقِ مدينہ فوري طور تي ان کي سمجهايو تہ توهان هي چا چئي چڏيو؟ مديني پاڪ ۽ بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ تہ هر گهڙي ملائڪن جي حاضري رهندي آهي.

ستّر ہزار صُبح ہیں ستّر ہزار شام　　یوں بندگیِ زُلف و رُخ آٹھوں پہر کی ہے

(حدائقِ بخشش،ص220)

## خوبصورت لفظن جو انتخاب

ڳالهائڻ کان پهريان ڪجھ دير ترسي غور ڪرڻ جي عادت هئڻ گهرجي ۽ مديني پاڪ جي باري ۾ تہ اهڙا خوبصورت لفظ چوندجن جن مان عشقِ رسول ۽ مديني جي محبت چمڪندي هجي. اللّٰه نہ ڪري تہ اسان جي وات مان ڪڏهن بہ هن پاڪ سرزمين جي متعلق ڪو غير مناسب لفظ نڪري. تاريخ ۾ عاشقانِ رسول جا مديني پاڪ جي ادب و احترام جي متعلق اهڙا اهڙا واقعا آهن جو عقل حيران ٿي وڃي ٿو جيئن تہ هڪ شخص مديني پاڪ ۾ هر

وقت روئندو ۽ معافي ونندو رهندو هو، جڏهن ان کان ان جو سبب پڇيو ويو ته ان جواب ڏنو: هڪ ڏينهن مون مديني شريف جي ڏهيءَ کي ڪٿو ۽ خراب چئي ڇڏيو، هي چوندي ئي منهنجي نسبت سلب ٿي وئي (يعني معرفت کسجي وئي) ۽ مون تي عتاب (سخت معاملو) ٿيو ته ديارِ محبوب (محبوب جي شهر) جي ڏهيءَ کي خراب چوڻ وارا محبت جي نگاهه سان ڏس! محبوب جي گهٽين جي هر شيءِ عمده آهي. (بهار مثنوی، ص 128 ماخوذاً)

محفوظ سَدا رکھنا شَہا! بے ادبوں سے　　　اور مجھ سے بھی سَرزَد نہ کبھی بے ادبی ہو
(وسائلِ بخشش، ص315)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مديني جو اَدب

عاشقن جي امام، ڪروڙين مالڪين جي پيشوا، حضرتِ امام مالڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي سامهون ڪنهن چيو ته "مديني جي مٽي خراب آهي" اهو ٻڌي ڪري پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه فتوىٰ ڏنائون ته ان کي ٽيهه (30) ڪوڙا لڳايا وڃن ۽ قيد ۾ وڌو وڃي. (الشفاء، 57/2)

## سفرِ مدينه جي تياري

امامِ اهلِ سنت مولانا شاهه احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه پنهنجي ٻئي حج جي سفر ۾ جڏهن جده شريف پهتا ته بخار حاضرِ خدمت ٿيو، انهي حالت ۾ مڪي پاڪ حاضري ٿي ۽ عمرو شريف ادا ڪيو. بخار ايترو هو جو وڃڻ جو نالو ئي نه پيو وٺي پوءِ سيدي اعلىٰ

حضرت رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: بخار جي نہ وڃڻ جي ڪري مون کي نبيِ رحمت، شفيعِ اُمت صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضري جي فڪر ٿي. مون انهي حالت ۾ مديني شريف وڃڻ جو ارادو ڪيو، مڪي پاڪ جا عالم سڀُورا جيڪي سندن علمي شان و شوڪت سان بيحد متاثر هئا، انهن اچي چيو تہ بيماري ختم ٿي وڃي تہ پوءِ هليا وڃجو، اعلىٰ حضرت رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه عشقِ رسول ۾ ٻڏل الفاظ ارشاد فرمايا جيڪي سون جي قلم سان لکڻ وارا آهن، پاڻ فرمايائون: **"جيڪڏهن سچ پڇو تہ حاضري جو اصل مقصد زيارتِ طيبہ آهي، ٻئي ڀيرا انهيءَ نيت سان گهر کان نڪتو آهيان."** انهن وري اصرار ڪيو ۽ سندن طبعي ڪيفيت ٻڌائي تہ پاڻ هي حديثِ پاڪ پڙهيائون: مَنۡ حَجَّ وَلَمۡ يَزُرۡنِيۡ فَقَدۡ جَفَانِيۡ ترجمو: جنهن حج ڪيو ۽ منهنجي زيارت نہ ڪئي ان مون سان جفا ڪئي. (ڪشف الخفاء، 218/2، حديث: 2458) عالمن سڀُورن عرض ڪيو: توهان هڪ ڀيرو (يعني پهرين حج جي سفر ۾) زيارت ڪري چڪا آهيو، سيدي اعلىٰ حضرت رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه فرمايو: منهنجي نزديڪ حديثِ پاڪ جو هي مطلب ناهي تہ زندگي ۾ ڪيترا بہ حج ڪريو، زيارت هڪ ڀيرو ڪافي آهي بلڪ هر حج سان گڏوگڏ زيارت لازم آهي، هاڻي توهان دعا ڪريو تہ مان سرڪار صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچي وڃان. روضي اقدس تي هڪ نظر پئجي وڃي جيتوڻيڪ انهيءَ وقت دم نڪري وڃي. (ملفوظات اعلى حضرت، ص 202 بتحير)

اللّٰہ ربُّ الْعِزَّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللّٰہُ عليهِ واٰلہٖ وسلّم

خليفہ اعليٰ حضرت مَدّاح الحبيب مولانا محمد جميل الرحمٰن رضوي رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه لکن ٿا:

ڀَلا ڪون ڪعبہ ڪو ڪعبہ سمجھتا جو شاہا نہ ہوتا مدينہ تمہارا

(قبالۂ بخشش، ص32)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مان مديني وڃي رهيو آهيان

اي عاشقانِ رسول! ڪو گهر کان ئي سفرِ مدينہ جو ارادو ڪري حج لاءِ نڪرندو آهي تہ ڪو حج لاءِ ويندڙ کان پڇي تہ ڪٿي وڃي رهيا آهيو؟ تہ هو ”رخ اوڏانهن آهي جيڏانهن مدينو آهي“ چوندو آهي. جيئن شيخ الحديث، حضور محدثِ اعظم پاڪستان حضرت علامہ مولانا سردار احمد رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جڏهن پنهنجي جامع مسجد سنّي رضوي (فيصل آباد) ۾ جمعي جو بيان ڪندا هئا تہ ماڻهو پري پري کان سندن جو بيان ٻڌڻ ۽ سندن جي پويان نمازِ جمعہ ادا ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيندا هئا. جنهن سال سندن ٻي حج جو سفر هو، ان جمعي تي جڏهن بيان لاءِ تشريف وٺي آيا تہ پنهنجي هڪ شاگرد کي فرمايائون: ماڻهن کي منهنجي سفر جي خبر ڏيو ماڻهو خوش ٿيندا. جيئن ئي سندن سفرِ حج جو اعلان ڪيو ويو تہ پاڻ پنهنجي انهيءَ شاگرد کي سڏائي فرمايو: اَلحمدُ لِلّٰہ! مان فرض حج ڪري چڪو آهيان، هن ڀيري تہ صرف بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضري جي نيت سان وڃي رهيو آهيان، هن حاضري جي صدقي

حج بہ ڪري ورندس تنهن ڪري هي اعلان ڪريو تہ **”مان مديني وچي رهيو آهيان“**.

اس کے طُفیل حج بھی خدا نے کرا دیے　　　اصلِ مراد حاضری اس پاک دَر کی ہے
(حدائقِ بخشش، ص202،203)

شرحِ ڪلامِ رضا: سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي فَنَا فِي الرَّسول جو عظيم مقام حاصل هو ۽ سچي عاشق کي پنهنجي محبوب کان علاوه ڪجھ نظر ئي نہ ايندو آهي، محبوب ربُّ العٰلَمين، جنابِ رحمت العالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ اصل مقصودِ ڪائنات آهن تنهن ڪري اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي عشقِ رسول جو بيان ڪجھ هن طرح ڪري رهيا آهن تہ مان گھر کان نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو آهيان ۽ نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نوراني دربار جي زيارت جي برڪت سان مون کي حج جي سعادت بہ ملي وئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مديني جيان ڪو ناهي

ڪائنات جا سيني کان حسين و جميل شهر، مڪو ۽ مدينو آهن، هتي ڏينهن رات رحمتن جي برسات ٿيندي آهي، سڄي دنيا ۾ مڪي شريف ۽ مديني پاڪ جهڙو بابرڪت ۽ خوبصورت شهر ناهي. هي ٻئي مبارڪ شهر عاشقانِ رسول جي اکين جا نور ۽ دلين جا سرور آهن. دنيا جون تمام خوبصورتيون، رونقون عرب جي ريگستان تي قربان، مديني پاڪ ۾ اهو آرام ۽ سڪون، چين ۽ قرار

آهي جيڪو دنيا جي ڪنهن شهر ۾ ناهي، هن بابرڪت شهر ۾ اها ڪشش آهي جيڪا دنيا ۾ بي هنڌ ڪٿي ناهي، هن مبارڪ شهر ۾ اهي رونقون آهن جيڪي دنيا جي ڪنهن خطي ۾ ناهن. هي مبارڪ شهر ته اهڙو آهي جو انسان ته انسان ملائڪ به هتي بار بار حاضري جي تمنا رکن ٿا. عاشقِ ماهِ رسالت اعلىٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه لکن ٿا.

يه بدلياں نه ہوں تو کروروں کی آس جائے — اور بارگاهِ مرحَمت عام تر کی ہے
معصوموں کو ہے عمر میں صرف ایکبار بار — عاصی پڑے رہیں تو صَلا عمر بھر کی ہے
(حدائقِ بخشش،ص221)

لفظ ۽ معنيٰ: بدلياں :تبديليون. آس : اُميد. مَرحَمت: رحمت. عام تر: هرهڪ جي لاءِ. معصوم: ملائڪ: عاصي: گنهگار. صَلا: اعلان، اجازت.

شرح ڪلامِ رضا: سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه هن شعر ۾ حديثِ پاڪ جو مضمون بيان ڪندي لکيو آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربارِ سَخاوت ۾ روزانو صبح ۽ شام ستر ستر هزار ملائڪ حاضر ٿي صلوات و سلام عرض ڪندا آهن جيڪي هڪ ڀيرو ايندا آهن اهي وري ٻيهر قيامت تائين حاضر نٿا ٿي سگهن چو ته ملائڪن جي تعداد ئي ايتري آهي. جيڪڏهن هي واريون نه لڳن ته پوءِ بارگاهِ رسالت ۾ ڪروڙين ملائڪن جي حاضري جي اُميد ختم ٿي وڃي. جڏهن ته هي اها عظيم بارگاهه آهي جتي ڪنهن کي نااميدي ۽ مايوسي ناهي ٿيندي، سڀني کي نوازيو ويندو آهي. ملائڪ جيڪي گناهن کان پاڪ صاف ۽ معصوم آهن،

انهن کي ته صرف هڪ ڀيرو حاضري جي اجازت ملي آهي جڏهن ته گنهگار امتي شهرِ مدينه ۾ سڄي زندگي به گذارڻ چاهي ته ان کي اجازت آهي، ڪو به ان کي روڪڻ وارو ناهي. عاشقِ مدينه اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ڪجهه هن طرح عرض ڪن ٿا:

مدینے جائیں پھر آئیں دوبارہ پھر جائیں　　اِسی میں عمر گزر جائے یاخدا یارب
(وسائلِ بخشش، ص87)

## عاشقِ مدينه جو مديني ۾ اڍائي مهينن جو قيام:

عاشقِ مدينه اميرِ اهلِ سنت 1980 جي سفرِ مدينه ۾ شوال شريف کان ذوالحج شريف جي آخر يا وچ تائين تقريباً اڍائي مهينا پنهنجي زندگي جون انمول ترين گهڙيون فضاءِ عرب ۾ گذارڻ کان پوءِ جڏهن مديني شريف کان جدا ٿيڻ لڳا ته سندن لاءِ اهو وقت تمام وڏي سانحي (يعني حادثي) کان گهٽ نه هو، پاڻ مديني پاڪ جي جدائي ۾ تمام گهڻو غمگين هئا ۽ غم ڇو نه ٿئي، اهڙو دلڪش ۽ حسين منظر نگاهن کان اوجهل ٿيڻ وارو آهي، مديني پاڪ کان ڪنهن سچي عاشقِ رسول جي ظاهري جدائي آسان ناهي. جڏهن مديني پاڪ کان جدائي جو وقت ويجهو ايندو آهي ته عاشقن جو سينو ڦاٽڻ لڳندو آهي، اهي در ۽ ديوار، اها مسجدِ نبوي ۽ اهو سبز گنبذ ۽ مينار ڇڏڻ لاءِ دل نه ڪندي آهي. سڏڪا ڀري روئڻ تي دل ڪندي آهي بلڪ دل چاهيندي آهي ته هتي ايمان ۽ عافيت سان جنتُ البقيع ۾ خير سان ٻه گز زمين ملي وڃي ۽ زندگي جي حسرت پوري ٿي وڃي...

طيبه سے لوٹنا کسی عاشق سے پوچھیئے　　ایسا لگے کہ روح بدن سے گزر گئی

هڪ ٻئي شاعر به ڇا خوب چيو آهي:

دِل تڑپ جائے گا اے زائرِ بطحا تیرا　　تیری جس وقت مدینے سے جُدائی ہوگی

## مهجورِ مدينه (يعني مديني کان جدا ٿيڻ واري) جو حال

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مديني شريف کان هلندي وقت زائرين جو جيڪو حال ٿيندو آهي اهو نه پڇو، مديني جي در ۽ ديوار جو فراق (يعني جدا ٿيڻ) ستائيندو آهي. مون مسجدِ نبوي شريف جي چوئنٺ سان چنبڙي ماڻهن کي روئندي ڏٺو آهي.

بدن سے جان نکلتی ہے آہ سینہ سے　　ترے فدائی نکلتے ہیں جب مدینہ سے

فقير ٿئين حج تي رخصت جي وقت مديني جي در ۽ ديوار کي عرض ڪيو هو:

جا رہا ہے اب ہمارا قافلہ　　اے در و دیوارِ شہرِ مصطفےٰ
یاد تیری جس گھڑی بھی آئے گی　　ہے یقیں دل کو بہت تڑپائے گی

(مرأة المناجيح، 506/2)

## ڪلام: الوداع تاجدارِ مدينه:

عاشقِ مدينه، اميرِاهلِ سُنت غمِ مدينه ۾ روئندا رهندا هئا. انهن ڏينهن ۾ پاڻ مديني پاڪ ۾ پنهنجي غمزده دل جي جذبات جو اظهار پنهنجي شفيق و مهربان آقا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ عين

سنهري ڄارين جي سامهون روئندي روئندي شعرن جي صورت ۾ ڪيو. تقريباً نِصْف صدي (يعني پنجاهه سال) ٽيڻ وارا آهن، هي ڪلام پنهنجي اندر اهڙو درد ۽ سوز رکي ٿو جو هاڻي بہ جيڪڏهن ڪو پڙهندو آهي تہ اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا آهن. اوهان بہ هن الوداع جا شعر پڙهو.

## آه! اب وقتِ رخصت ہے آیا اَلوَداع آہ شاہِ مدینہ(1)

آہ اب وقتِ رخصت ہے آیا اَلوَداع آہ شاہِ مدینہ
صدمۂ ہِجْر کیسے سَہوں گا الوداع آہ شاہِ مدینہ
بے قراری بڑھی جا رہی ہے ہِجْر کی اب گھڑی آ رہی ہے
دل ہوا جاتا ہے پارہ پارہ الوداع آہ شاہِ مدینہ
کس طرح شوق سے میں چلا تھا دل کا غُنچہ خوشی سے کھلا تھا
آہ! اب چُھوٹتا ہے مدینہ الوداع آہ شاہِ مدینہ
کُوئے جاناں کی رنگیں فَضاؤ! اے مُعَطَّر مُعَنبر ہواؤ!
لو سلام آخِری اب ہمارا الوداع آہ شاہِ مدینہ
کاش! قسمت مرا ساتھ دیتی موت بھی یاوَری میری کرتی
جان قدموں پہ قربان کرتا الوداع آہ شاہِ مدینہ
سوزِ اُلفت سے جلتا رہوں میں عشق میں تیرے گھلتا رہوں میں
چاہے دیوانہ سمجھے زمانہ الوداع آہ شاہِ مدینہ
میں جہاں بھی رہوں میرے آقا ہو نظر میں مدینے کا جلوہ

---

(1) ... 1980 کے سفرِ مدینہ میں یہ کلام لکھنے کے بعد سے اب 2024 تک اس کلام میں کچھ ضروری تبدیلی کی گئی ہے۔

اِلتجا میری مقبول فرما الوداع آہ شاہِ مدینہ
کچھ نہ حُسنِ عمل کر سکا ہوں نذر چند آشک میں کر رہا ہوں
بس یہی ہے مرا کُل اَثاثہ الوداع آہ شاہِ مدینہ
آنکھ سے اب ہوا خون جاری روح پر بھی ہوا رنج طاری
جلد عطارؔ کو پھر بلانا الوداع آہ شاہِ مدینہ
(وسائلِ بخشش، ص373)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## الوداعي ڪلام جي مقبوليت

بارگاھِ رسالت ۾ پنھنجي سچي عاشق جي ھي الوداع قبول ڪئي وئي، اھا ھن ريت جو مديني جي عاشق، اميرِ اھلِ سنت جڏھن ھي الوداع لکي تہ ھڪ عاشقِ رسول کي خواب ۾ حضور صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي. جيئن تہ

باب الاسلام (سنڌ) جي مشھور شھر حيدرآباد جو نوجوان مُبلِّغِ دعوت اسلامي عبد القادر عطاري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف رھندو ھو. ديني ڪم جو ايترو جذبو ھوندو ھيس جو روزانو مختلف مسجدن ۾ وڃي ڪري فيضانِ سنت مان 6 درس ڏيندو ھو. ظھر ۾ 2 درس ڏيندو ھو، ھڪ 1:30 وڳي واري نماز ۾ ۽ ٻيو 2:00 وڳي واري ظھر جي جماعت کان پوءِ. رمضان المبارڪ 1408 ھجري ۾ انھن کي عمري جي سعادت نصيب ٿي، انھيءَ رمضان المبارڪ جي جمعة الوداع جي ڏينھن نوجوانيءَ ۾ انتقال ڪري ويو. سندن وڏي ڀاءُ جو چوڻ آھي تہ ھڪ دفعو أدا عبد القادر کي سرڪارِ

مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿي. سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الياس قادري کي منهنجو سلام چئجو ۽ چئجوس تہ جيڪو اوهان "الوداع تاجدارِ مدينہ" وارو قصيدو لکيو آهي، اهو اسان کي ڏاڍو پسند آيو آهي ۽ چئجوس تہ هاڻي جڏهن مديني اچو تہ ڪا نئين "الوداع" لکجو ۽ ممڪن نہ هجي تہ اهائي الوداع ٻڌائي ڇڏجو.

## سنهري ڄارين جي سامهون آخري حاضري

جڏهن اهي درد ڀريا لمحا آيا تہ هاڻي مدينہ طيبہ کان جدا ٿيڻو ئي پوندو، اميرِ اهلِ سنت بارگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ الوداعي حاضري ۽ جڻ واپسي جي اجازت وٺڻ لاءِ حاضر ٿيڻ لڳا تہ دل غم سان ڀريو پيو هو. قدم ڪجي نہ پئي سگهيا. آخري حاضري لاءِ روضي انور ڏانهن وڌندي انهن تي اهڙي ديوانگي واري ڪيفيت طاري ٿي وئي جو سامهون ايندڙ در ۽ ديوار کي بي اختيار چمي رهيا هئا، ايستائين جو گلن، ٻوٽن ۽ پنن کي بہ چمي رهيا هئا. اهڙي ڪيفيت جي عالم ۾ جڏهن پاڻ هڪ ٻوٽي کي چمڻ لاءِ جهڪيا تہ ان سان لڳل مديني جي ڪنڊي جڻ تہ اڳتي وڌي ڪري ڪين زخمي ڪري وڌو، زخم اک ۾ لڳي ويو ۽ ٿورو رت نڪتو. تازو مديني جو زخم کڻي مسجدِ نبوي شريف ۾ داخل ٿيا ۽ بي قراريءَ جي عالم ۾ الوداعي سلام عرض ڪرڻ جي لاءِ بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيا ۽ خوب روئي ڪري دبيل انداز ۾ الوداعي سلام ۽ ڪلام پيش ڪيو. الوداعي سلام ۽ جڻ واپسي جي اجازت وٺي ڪري پوئين پير موٽيا. جي ها! پوئين پير ڇاڪاڻ تہ هي اها پاڪ دربار آهي جتي پٺ ڪرڻ بہ عاشقِ رسول لاءِ بي ادبي آهي. پاڻ

انهي غم ۽ صدمي سان روئندي روئندي ٻاهر نڪتا، حج جو زمانو هو، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان حاجي صاحبان مديني پاڪ ۾ حاضر ٿي رهيا هئا، ماڻهو انهي مديني جي عاشق کي ڏسي رهيا هئا ته هي الائي ڇو روئي رهيو آهي، ايتري ۾ هڪ هم وطن ماڻهوءَ اڳتي وڌي ڪري پڇيو: ادا! ڇا ٿيو؟ توهان ايترو ڇو روئي رهيا آهيو؟ عاشقِ صادق جي دل تي هي سوال **"زخم تي لوڻ ٻرڪڻ کان گهٽ نه هو"** هي اهو زخم هو جيڪو اکين سان نه پر دل جي اکين سان ڏيکارڻ وارو هو. مديني جي عاشق پنهنجي دل جي حالت ڪيس ڪيئن ڏيکاري ۽ ٻڌائي، اُن جي سوال جو جواب اکين جي زبان (يعني اکين جي ڳوڙهن) سان ڏيڻ وارو هو، پاڻ روئندي روئندي جواب ڏنائون: مان مديني کان وڇي رهيو آهيان. عشقِ مدينه ۽ عشقِ شاهِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لذت کان اڻ واقف کي ان لذت جو اندازو نه تو ٿي سگهي ڇو ته جنهن عشقِ رسول جا جام ڀري ڀري پيتا هجن، ان ۾ ۽ جنهن ڪڏهن ايئن پڙهيو، ڏٺو يا ٻڌو نه هجي، ان جي حالت ۾ زمين ۽ آسمان کان به وڌيڪ فرق هوندو آهي. مديني جي عاشق لاءِ هي وقت دل تي ڪرنڊڙ صدمن جي جبل جيان هو، هن ڳالهه کي هڪ شاعر تمام پياري انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

یہ تو طیبہ کی محبّت کا اثر ہے ورنہ　　　کون روتا ہے لپٹ کر در و دیوار کے ساتھ

## توهان وڇي ناهيو رهيا، اڇي رهيا آهيو

دربار رسالت کان رُخصت ٿي ڪري عاشق مدينه پنهنجي پيرومرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، مُريد ۾ پاتيون ويندڙ چڱيون عادتون پيرو مرشد جي بدولت حاصل ٿينديون آهن، عاشقِ مدينه اميرِ

اهلِ سنت کي غمِ مدينه جي سوغات به پيرومرشد جي درگاهه مان ملي. عاشقِ مدينه پنهنجن غم ۽ درد جي دوا لاءِ رُوئندي، اکيون مَلِيندي، سيدي و مرشدي، شيخ العرب و العجم، خليفه اعلىٰ حضرت، قطبِ مدينه الحاج ضياء الدين مدني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي آستانه عاليه تي پهتا ۽ پيرو مرشد جي هنج ۾ سر رکي روئڻ لڳا. الله وارا عاشقِ مدينه جي دل جي ڪيفيت کي ڄاڻين ٿا ۽ اهي ئي ان زخم تي مرهم رکي سگهن ٿا. سيدي قطبِ مدينه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي مريد اميرِ اهلِ سنت جي غمگين دل جو علاج ڪري ڇڏيو:

ہوں ضِیاء الدِّین کا ادنیٰ گدا
میرے مرشد کا سخی دربار ہے

اهو ائين جو جڏهن سيدي قطبِ مدينه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪائنس پڇيو ته ڇا ٿيو؟ پاڻ عرض ڪيائون: حضور! اڄ منهنجي مدينه شريف کان رخصتي آهي. حضرت شفقت سان هٿ ڦيريو ۽ فرمايو: ”**توهان مدينه کان وڃي ناهيو رهيا بلڪ اچي رهيا آهيو**“.

غم ۽ درد ۾ ٻڏل ان ڪيفيت ۾ عاشقِ مدينه فوراً سمجهي نه سگهيا ته پيرو مرشد جي هن فرمانِ عالي شان جي اندر ڪهڙا ڪهڙا راز لڪيل آهن ڇوته وليِ ڪامل جي زبان مبارڪ مان نڪتو آهي ۽ يقيناً وڏن جون ڳالهيون وڏيون هونديون آهن. پوءِ هن 1980 جي سفرِ مدينه کان وٺي هن وقت تائين عاشقِ مدينه اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ کي مديني جي حاضريءَ جون خوشخبريون مليون. پير و مرشد جي انهن مبارڪ لفظن ”توهان مديني کان وڃي ناهيو

رهيا، پر اچي رهيا آهيو.“ جو مطلب هي هو. اميرِ اهلِ سنت پنهنجي پيرومرشد جي هن مبارڪ جملي کي اشعار ۾ هيئن بيان ڪن ٿا:

مرشدی نے کہا، تُو نہیں جارہا　　بلکہ ہے آرہا میں مدینے میں ہوں

## مديني جي پڪي ويزا لڳرائڻ جي آفر

عاشقِ مدينه جو هڪ دوست جيڪو مديني پاڪ ۾ ئي رهندو هو، کائنس گهڻي محبت ڪندو هو، امير اهلِ سُنت کي آفر ڪئي ته مان سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي روضي جي طرف هٿ ڪري ٿو چوان، توهان ها چئو ته مان مديني شريف ۾ توهان جي رهائش جو انتظام ڪري ٿو ڇڏيان ۽ اوهان کي پڪي ويزا لڳرائي ڏيان ٿو. عاشقِ مدينه جيتوڻيڪ محبتِ مدينه ۾ ٻڏل هئا پر پنهنجي دل جي جذبات تي قابو پائيندي شهنشاهِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنتن جو پيغام دنيا پر ۾ عام ڪرڻ جو جذبو رکندا هئا. سندن جي هن جذبي تي لکين سلام جو پاڻ پنهنجي ان دوست کي فرمايائون: الحمدُللّٰہ! مون کي پاڪستان ۾ جيئڻ دين جي خدمت جي سعادت حاصل آهي هتي ظاهري طرح ائين ممڪن ناهي تنهن ڪري هتي مستقل رهي نٿو سگهان. ڇڻ سندن ڪيفيت خليفه اعلیٰ حضرت، محدثِ اعظم هند حضرت علامه مولانا سيد محمد اشرفي جيلاني ڪڇوڇوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي هن شعر جي مصداق هئي:

مدینے کا کچھ کام کرنا ہے سید　　مدینے سے بس اس لیے جارہا ہوں
(فرش پر عرش، ص158)

## دين جي خدمت جو بيمثال جذبو

اي عاشقانِ مدينہ! هتي هڪ ڳالهہ عرض ڪندو هلان تہ اللّٰہ پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جا سيني ڪان وڏا عاشق صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ هئا. اللّٰہ پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن هن دنيا مان ظاهري انتقال شريف فرمايو تہ مديني پاڪ ۾ موجود هزارين صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم دينِ اسلام ۽ پيغامِ رسولِ اَنام صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم عام ڪرڻ لاءِ دنيا جي مختلف علائقن جي طرف رخ ڪيو ۽ پوءِ سڄي زندگي نيڪي جي دعوت ۾ گذاري جنهن جي وڏي مثال هي آهي تہ هڪ قول جي مطابق حَجَّةُالوداع جي موقعي تي هڪ لک چوويهہ هزار صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم موجود هئا. جڏهن تہ اَڄ مديني پاڪ جي مشهور قبرستان "جنتُ البقيع شريف" ۾ صرف ڏهہ هزار صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم جا مزارات شريف آهن. ڪنهن صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مزار شريف پاڪستان ۾ تہ ڪو هندوستان ۾ آرام فرما آهي، ڪنهن صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مزار شريف ترڪي ۾ تہ ڪنهن صحابي رسول جي مزار شريف چين ۾ جڳمڳائي رهي آهي. صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم دنيا جي مختلف ملڪن ۾ وڃي قرآن و سنت جو پيغام عام ڪيو.

## عاشقِ مدينہ جا جذبات دعوتِ اسلامي جي ذميدارن جي نالي

1980 جي سفرِ مدينہ جي وقت دعوتِ اسلامي جو وجود نہ هو، پر عاشقِ مدينہ جو دينِ اسلام جي خدمت جو جذبو عروج تي

هو. پاڻ ان وقت بہ مختلف انداز ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ماڻهن کي گڏ ڪري دين جو ڪم ڪندا هئا. حقيقي عاشقِ مدينہ اميرِ اهلِ سنت نيڪي جي دعوت جي جذبي سان سرشار ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو پڪو ارادو رکن ٿا. پاڻ ڪيترائي ڀيرا دعوتِ اسلامي جي ذميدارن کي ڪجهہ هن طرح مدني گلن سان نوازيو آهي تہ توهان سڄو سال مديني پاڪ جي حاضري ڏيو، حج ڪريو، عمرو ڪريو پر رمضان شريف ۾ مسجدن ۾ نمازين جي تمام وڏي اهڙي تعداد اچي ٿي جيڪا سڄو سال مسجد جو رخ نہ ٿي ڪري. جيڪڏهن سيئي دعوتِ اسلامي جا ذميدار نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي اهڙي اهم موقعي تي مديني جي طرف رخ ڪري وڃندا تہ انهن کي آقا ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنتن تي عمل ڪرڻ وارو ڪير بڻائيندو؟ ڪير انهن کي پڪو نمازي ۽ سچو عاشقِ رسول بڻائيندو؟ مان دعوتِ اسلامي جي ذميدارن کي درخواست ئي ڪري سگهان ٿو، مديني جي حاضرين جا ٻيا بہ ڪوڙ موقعا آهن، نيڪ آ هڪ ڀيرو رمضانِ مدينہ جي سعادت حاصل ڪريو.

**هن مثال کي ائين** سمجهو تہ مختلف اهڙا ڪاروبار ڪندڙ جن جي سيزن رمضان شريف يا عيدُ الفطر هوندي آهي جيئن منائي ٺاهڻ وارا، درزي وغيره. جيڪڏهن توهان انهن کي فري ۾ بہ رمضانِ مدينہ (يعني رمضان شريف ۾ عمري) جي ٽڪيٽ ڏيو تہ اهي نہ ويندا ڇو تہ انهن کي خبر آهي تہ انهن ڏينهن ۾ ڪم ڪري اسان شايد ڏهہ ٽڪيٽن جي رقم ڪمائي وٺنداسين، مديني پاڪ ڪنهن ٻي مهيني ۾ هليا ويندا سين. جڏهن دنيا جي حقير رقم حاصل ڪرڻ جو جذبو رکڻ وارا مفت ۾ بہ رمضانِ مدينہ جي سعادت حاصل نہ ٿا ڪن

تہ دنيا ڀر ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ سڄي زندگي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جو جذبو رکڻ وارو هن عظيم مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي وطن ۾ هن اهم موقعي تي نيڪي جي دعوت لاءِ ڇو نہ ٿو رُڪي؟ الحمدُ لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيندڙ آخري عشري ۽ پوري مهيني رمضان جي اعتڪاف ۾ هزارين معتڪفين مسجدن ۾ اچي وڃن ٿا. جيڪڏهن ذميداران رمضانِ مدينہ لاءِ ويندا تہ انهن معتڪفين ۾ هڪ ڪان هڪ بگڙيلن جي اصلاح ڪير ڪندو؟ انهن ۾ موجود صرف رمضان شريف جي نمازين کي پوري سال جو نمازي ڪير بڻائيندو؟ انهن کي سنت مطابق زندگي گذارڻ وارو ڪير بڻائيندو؟ الله ڪري دل ۾ لهي وڃي منهنجي ڳالهہ.... هن حوالي سان هڪ دلچسپ واقعو پڙهو ۽ پنهنجي اندر نيڪي جي دعوت جو جذبو پيدا ڪيو:

## حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون برڪتون هر هنڌ آهن

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: مان مديني پاڪ ۾ روضۂ اَنور تي حاضر ٿيس تہ مون تي هڪ خاص ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي خواهش هئي تہ مديني شريف اچڻ کان بعد مونکي ٻيهر پنهنجي وطن واپس وڃڻ نصيب نہ ٿئي ان تي قبرِ اَنور مان آواز آيو: جيڪڏهن مان هن قبر ۾ قيد آهيان تہ پوءِ هتي اچڻ واري هر شخص کي هتي ئي رهڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن مان هر حال ۾ پنهنجي اُمت سان گڏ آهيان تہ توکي واپس پنهنجي شهر هليو وڃڻ گهرجي. اهو بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: هي ٻڌي ڪري مان پنهنجي وطن واپس اچي ويس.

(الابريز، 88/2)

الله ربُ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صلّی اللہُ علیہِ واٰلہٖ وسلّم

پئے تبلیغِ سنّت تو جہاں رکھے مگر اے کاش!
میں خوابوں میں پہنچتا ہی رہوں اکثر مدینے میں

## جڏهن گهر ۾ انتقال ٿي ويو هجي

عاشقِ مدينہ شاهِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ پنهنجي پير و مرشد جي خدمت ۾ الوداعي حاضري ڏيڻ کان بعد پنهنجي رهائش تي آيا جو تہ اتي رهندي ڪجھ ماڻهن سان ڄاڻ سڃاڻ ٿي وئي هئي ۽ ماڻهو اچي ڪري ملي رهيا هئا جڏهن تہ عاشقِ مدينہ جي دل جي ڪيفيت اهڙي هئي ڄڻ انهن وٽ ڪنهن جو انتقال ٿي ويو هجي ۽ ماڻهو تعزيت جي لاءِ اچي رهيا هجن، آخرڪار اها گهڙي اچي وئي جو عاشقِ مدينہ فراقِ مدينہ يعني ( مديني جي جُدائي) جو غم دل ۾ کڻي گاڏي ۾ ويهي ڪري جده شريف ڏانهن روانا ٿيا ڄڻ هي شعر زبان تي هو:

روضے کی جالی دل میں بَسالوں تَنْ مَنْ دَھن سب ان پر لُٹادوں
وقتِ زیارت زائِر کے دل میں ہوتے ہیں کیا جذبات نہ پوچھو

## جده شريف جي حاضري ۽ نماز جو فڪر

1980 جي سفرِ مدينہ جي آخري رات ۾ عاشقِ مدينہ، مديني پاڪ کان رخصت ٿيا، گاڏي تيز تيز جده شريف ڏانهن هلي رهي

هئي ته جده شريف کان ڪجھ فاصلي تي عاشقِ مدينه جي نظر آسمان تي پئي ته محسوس ٿيو ته فجر جو وقت شروع ٿي ويو آهي. مديني جي جُدائي جو صدمو پنهنجي جڳھ تي هو ۽ فرض نماز جو جذبو به سلامت هو، پاڻ اٿيا ۽ "**نماز جو وقت ٿي ويو آهي!**"، "**نماز جو وقت ٿي ويو آهي!**" جي صدا لڳائڻ شروع ڪئي. دعوتِ اسلامي جي وجود ۾ اچڻ کان پهريان 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم "فجر جي لاءِ جاڳائڻ" سندن معمول هو. عاشقِ مدينه جي نمازِ فجر جي لاءِ لڳايل صدائن تي ڪنهن ڪجھ خاص تعاون نه ڪيو، پاڻ هلندي ڊرائيور وٽ پهتا ۽ ان کي گاڏي بيهارڻ جو فرمايائون ته فجر جو وقت ٿي ويو آهي. افسوس! محرومي جي حد ٿي وئي جو ان به ڪا لِفٽ نه ڪرائي. سندن دل نهايت غمگين ٿي ۽ پنهنجي سيٽ تي اچي ويهي رهيا، ٿوري دير کان بعد ٻيهر آسمان ڏانهن ڏٺائون ته روشني پکڙجي چڪي هئي. عاشقِ مدينه هڪ ڀيرو ٻيهر همت ڪئي ۽ حاجين سان ڀريل بس کي نماز پڙهڻ جي دعوت ڏني پر ڪنهن به خاص توجهه نه ڏني. بي وسي جي حد ٿي وئي جو نه ڊرائيور گاڏي بيهاري ٿو نه ڪو گڏجي ڪري نماز جي لاءِ لهي ٿو. حج کان بعد عبادت ۽ رياضت جو ذوق ۽ شوق وڌڻ جي بدران حاجي گهري ننڊ جو مزو وٺي رهيا هئا، ننڊ اها به اهڙي جو ڪوبه اٿڻ جي لاءِ تيار ناهي. عاشقِ مدينه جي دل غمِ مدينه ۾ پهريان ئي بي قرار هئي هاڻي هن ڳالھ جو صدمو جو ويني ويني ڪيئن فجر جي نماز قضا ٿئي، حج جي سفر جيان هن موقعي تي به وضو جي لاءِ پاڻي جي بوتل ساڻ هئي پر بس ۾ وضو ڪيئن ڪيو وڃي خير جيئن تيئن تيمم ڪري سيٽ تي ويني ويني ئي نماز ادا ڪئي، ان کان علاوه ڪري به ڇا سگهجي پيو، ڪجھ دير ۾ جده شريف اچي ويو، ٿي سگهي ٿو

ڊرائيور هي سمجهي ڪري گاڏي نہ بيهاري هجي تہ جده شريف پهچي ڪري نماز ادا ڪنداسين جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ نہ گهرجي خاص ڪري اهڙين نمازن فجر و عصر ۽ مغرب ۾ جو انهن جو وقت گهٽ هوندو آهي، پر پهچندي پهچندي رستي ۾ ڪٿي گاڏي خراب ٿي پئي تہ نماز، وضو جي لاءِ مسافرن کي وڏي آزمائش ٿيندي تنهنڪري سفر جي دوران جيڪو پهريون موقعو اچي اتي ترسي ڪري نماز ادا ڪري وٺڻ گهرجي. جده شريف جي اسٽاپ تي جيئن ئي گاڏي بيٺي، عاشقِ مدينہ جلدي جلدي لٿا، پنهنجو سامان فٽ پاٿ تي رکيو ۽ پاڻي جي بوتل ڪڍي ڪري وضو ڪري فجر جي نماز ادا ڪئي ۽ سلام ڦيريندي ئي گهڙي ڏسي ڪري وقت نوٽ ڪري ورتو. انهن ڏينهن ۾ هاڻي وانگر نماز جي وقتن جي ڪا ايپ يا نيٽ سسٽم تہ هو ڪونہ.[2] بعد ۾ جڏهن ڪلينڊر سان فجر جو وقت ملايو تہ ظاهر ٿي ويو تہ الحمد ﷲ! سندن فجر جي نماز وقت ۾ ئي ادا ٿي هئي. ان نعمت جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي. ڪاش! اسان کي بہ پنهنجي نمازن جو اهڙو فڪر نصيب ٿي وڃي. عاشقِ مدينہ اتان کان پنهنجي ڪنهن دوست وٽ پهتا، ڪجهہ وقت اتي ترسڻ کان بعد مَطار (ائيرپورٽ) روانا ٿيا ۽ پوءِ... ڪراچي پاڪستان ڏانهن....

روتا ہوا پہنچا تھا روتا ہوا لوٹا تھا ہیں وَصل کی دو گھڑیاں پھر ہجرِ مدینہ ہے

(وسائلِ بخشش، ص503)

---

2 ... الحمدُ ﷲ! دعوتِ اسلامی کی مجلس تَوقیت نے مجلس آئی ٹی کے تعاوُن سے " Prayer Times " ایپ بنائی ہے، کمپیوٹر سافٹ ویئر کے ذریعے دُنیا کے تقریباً 27لاکھ مقامات جبکہ موبائل ایپلی کیشن کے ذریعے تقریباً 10ہزار مقامات کیلئے درست اَوقاتِ نماز و سمتِ قبلہ بآسانی معلوم کئے جاسکتے ہیں۔ یہ ایپلی کیشن انسٹال کرنے کیلئے QR Code اسکین کریں۔

## مديني ڪان موٽڻ واري جي لاءِ پيغامِ رضا

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مديني پاڪ ڪان موٽڻ وارن زائرينِ مدينہ کي فرمائن ٿا: رخصت جي وقت مواجهه شريف ۾ حاضر هجو ۽ حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم)ڪان باربار هن نعمت (يعني مديني پاڪ جي حاضري) جي عطا جو سوال ڪيو ۽ ڪعبي شريف جا تمام آداب پيشِ نظر رکو ۽ سچي دل سان دعا ڪيو تہ مولا! ايمان ۽ سنت تي مديني پاڪ ۾ مرڻ ۽ بقيعِ پاڪ ۾ دفن ٿيڻ نصيب ڪر.

اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنَا اٰمِيْنَ اٰمِيْنَ اٰمِيْنَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ وَصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَابْنِهٖ وحِزْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ اٰمِيْنَ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ- (فتاویٰ رضويہ، 769/10)

## سوالي جو عرض موڪلائڻ جي وقت

مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ٽيون ڀيرو حج تي مديني پاڪ ڪان واپسي تي الوداعي سلام لکيو هو مطالعي جي ذوق جي لاءِ اهو پيش ڪيو پيو وڃي:

اَلوَداع اے سبز گنبد کے مکیں | اَلفِراق اے رَحمۃٌ لِّلعالمیں
اَلوَداع اے مَظْہرِ ذاتِ خدا | اَلفِراق اے خَلْق کے مشکل کشا
اَلوَداع اے شہرِ پاکِ مصطفٰی | اَلفِراق اے مَہْبِطِ وَحیِ خدا
جارہا ہے اب ہمارا قافلہ | اے دَر و دِیوارِ شہرِ مصطفٰی
یاد تیری جس گھڑی بھی آئے گی | ہے یقیں دل کو بہت تڑپائے گی
اے دلوں کے چین اے پیارے نبی | لو غلاموں کا سلامِ آخری
دُور سے آئے تھے پردیسی غلام | عرض کرنے کو غلامانہ سلام

آستانہ سے وَداع ہوتے ہیں اب　　یہ تو فرماؤ کہ بُلواؤ گے کب
چشمِ رَحمت سے نہ تم کرنا جدا　　رکھنا اپنے سائے میں ہم کو سدا
اے مدینہ والو تم سب خوش رہو　　دامنِ محبوب میں پُھولو پَھلو
عرض اتنی ہے مگر اے دوستو!　　یاد ہم کو بھی کبھی کر لیجیو
آخِری دِیدار ہے اے زائِرو　　خوب جی بھر کر یہ گنبد دیکھ لو
کیا خبر ہے خوب دل میں سوچ لو　　پھر مقدَّر میں ہو آنا یا نہ ہو
یہ کوئی دَم میں چُھپا جاتا ہے اب　　فاصلہ کوسوں ہوا جاتا ہے اب
پھر کہاں تم اور کہاں یہ دوستو　　دِید آخر کو غنیمت جان لو
ہے دعا سالکؔ کی اے بارِ خدا　　زندگی میں پھر مدینہ دے دکھا

(دیوانِ سالک، ص120)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## الوداع تاجدارِ مدينہ

حضرت عبدُ الله بن عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڪنهن شخص کي وداع (رخصت) فرمائيندا هئا تہ ان جو هٿ پڪڙيندا هئا پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان نہ ڇڏائيندا هئا ايستائين جو اهو شخص ئي حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هٿ ڇڏي ڏيندو هو ۽ فرمائيندا هئا تہ مان تنهنجو دين، تنهنجي امانت ۽ تنهنجو آخري عمل الله پاڪ جي حوالي ڪريان ٿو ۽ هڪ روايت ۾ آهي خاتمي جو عمل. (ترمذی، 5/277، حديث: 3453)

حضرت مُفتي احمد يارخان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھم سفر تي وڃڻ وقت نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا ۽ ان بارگاهِ عالي مان موڪلاڻي ڪندا هئا، ان وقت جو هتي ذڪر ٿي رهيو آهي، هاڻي به زائرين، مديني پاڪ کان هلڻ وقت آخري سلام جي لاءِ روضي پاڪ تي حاضر ٿي ڪري عرض ڪندا آهن: ”اَلۡوَدَاع اَلۡوَدَاع يارسولَ الله اَلفِراق اَلفِراق يا حبيبَ الله“ اسان هڪ وداعيه قصيدو عرض ڪيو هو جنهن جا ڪجهه شعرَ هي آهن.

دور سے آئے تھے پردیسی غلام | عرض کرنے کو غلامانہ سلام
آستانہ سے وداع ہوتے ہیں اب | یہ فرماؤ کہ بلواؤ گے کب
چشمِ رحمت سے نہ تم کریو جُدا | رکھیو اپنے سایہ میں ہم کو سدا

مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا: هي حضور جي بنده نوازي ۽ شانِ ڪريمي آهي جو غلامن کان هٿ ناهن ڇڏائيندا، هاڻي به اهي اسان گنهگارن کي پاڻ ناهن ڇڏيندا، الله پاڪ انهن جي قدمن سان وابستگي عطا ڪري. هن دعا ۾ هڪ بهترين اشارو هن طرف به آهي ته اي مديني ۾ مون وٽ رهڻ وارا هن وقت تائين ته تون منهنجي ڇانوَ ۾ هُئين جو هر مسئلو مون کان پڇي وٺندو هُئين هر مشڪل مون کان حل ڪرائي وٺندو هُئين هاڻي تون مون کان پري ٿي رهيو آهين ته هر حاجت ۾ مون کان پڇي نه سگهندي ته تنهنجو هر ڪم خُدا جي حوالي آهي. ڪهڙي پياري دعا آهي ۽ ڪهڙي مبارڪ موڪلاڻي! (مراٰۃ المناجیح، 43/4 ملتقطاً)

# مسجدِ مائده

مسجدِ بني ظفر جي ويجهو ئي ”مسجدِ مائده“ واقع هئي. منقول آهي تہ هيءَ انهيءَ مقام تي نهي هئي جنهن کي سلطانِ ڪون و مڪان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن نجران جي نصرانين سان مباهلي جي لاءِ منتخب فرمايو هو ۽ جنهن جاءِ تي سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنْه سرڪارِ نامدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ ڪانيون ڳُوڙي ڪري پنهنجي چادر لٽڪائي چانوَ ڪئي هئي ۽ حضور پُر نور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي اهلبيت سان گڏ تشريف وٺي آيا هئا. هڪ تاريخي روايت جي مطابق هن مقام تي نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ اهلبيت اطهار جي لاءِ جنّت مان ”پنج پيالن“ ۾ کاڌو نازل ٿيو هو. ان ڪري ان کي ”مسجدِ پنج پيالہ“ بہ چوندا آهن. هتي عاشقانِ رسول يادگيري جي لاءِ گنبذ ناهيا هئا. 1400ھ ۾ سگِ مدينہ عُفِیَ عنه ان مقام جي قِتل جاءِ جي زيارت ڪئي هئي، گنبذ وغيره موجود نہ هئا ۽ هي لکڻ وقت فضائن کان سواءِ ڪجهہ نہ بچو. عاشقانِ رسول جي لاءِ انهن فضائن جي زيارت ڪري عشقِ رسول ۾ دل تڙپائڻ بہ تمام وڏي سعادت آهي. (عاشقانِ رسول کی 130 حکایات، ص 309)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!    صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# هفتہ وار رسالو مطالعو

شيخ طريقت امير اهلسنت، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ / خليفہ امير اهلسنت الحاج ابو اُسَيد عُبيد رضا مدني مَدَّ ظِلُّهُ العالي جي طرفان هر هفتي هڪ رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. ماشآءالله الڪريم! لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هي رسالو پڙهي يا ٻڌي ڪري اميراهل سنت/ خليفہ امير اهلسنت جي دعائن مان حصو مائيندا آهن. هي رسالو آڊيو ۾ دعوت اسلامي جي

ويب سائٽ www.dawateislami.net يا

read and listen Islamic book تان فري ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. ثواب جي نيت سان پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم ڪيو.

(شعبو هفتہ وار رسالو مطالعو)

978-969-722-675-7

01082502

فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92   0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net